SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر VII مجريہ 1972

SINDH ORDINANCE NO.VII OF 1972

اولھ پاڪستان فشريز (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1972

THE WEST PAKISTAN FISHERIES (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1972

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1961 جي اولھ پاڪستان آرڊيننس XXX جي دفعہ 4 جي تبديلي
Substitution of Section 4 of West Pakistan Ordinance XXX of 1961

3. 1961 جي اولھ پاڪستان آرڊيننس XXX جي دفعہ 26 جي ترميم
Amendment of Section 26 of West Pakistan Ordinance XXX of 1961

سنڌ آرڊيننس نمبر VII مجريہ 1972

SINDH ORDINANCE NO.VII OF 1972

اولهہ پاڪستان فشريز (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1972

THE WEST PAKISTAN FISHERIES (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1972

[20 اپريل 1972]

تمهيد (Preamble)

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهہ پاڪستان فشريز آرڊيننس، 1961 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهہ پاڪستان فشريز آرڊيننس، 1961 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي،

هاڻي تنهن ڪري، 25 مارچ 1969 جي مارشل لا لاڳو ٿيڻ واري اعلان موجب، عبوري آئيني حڪم نامي جي روشني ۾ ۽ مٿي ڄاڻايل سمورن اختيارن مطابق سنڌ جي گورنر ۽ زون "D" جي مارشل لا ايڊمنسٽريٽر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي اولهہ پاڪستان فشريز (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1972 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1961 جي اولهہ

2. سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهہ پاڪستان فشريز آرڊيننس، 1961 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ مک آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 4 لاءِ هي دفعہ هيٺين ريت متبادل

ٿيندو يعني:

(نجي پاڻي کانسواءِ ڪنهن ٻئي پاڻي کي ليز ڏيڻ جا ڊسٽرڪٽ ڪائونسل بابت اختيار) "4. (1) ڊسٽرڪٽ ڪائونسل اهڙي عرصي لاءِ جنهن جو مدو ٽي سالن کان وڌيڪ نه هجي، نجي پاڻيءَ کانسواءِ ڪنهن پاڻيءَ ۾ اهڙين شرطن تي جيئن بيان ڪيو ويو هجي مڇي مارڻ جي حق ڏيڻ لاءِ ليز ڏئي سگهي ٿي.

(2)ذيلي دفعه (1) جي گنجائشن تحت حڪومت کي واجب الادا رقم ۽ اهڙي واجب الدا ٿيڻ کانپوءِ هڪ مهيني جي رهت، ليند روينيو جي رهتن جي مد مطابق اوڳاڙي ويندي."

3.مک آرڊيننس جي دفعه 26 ۾، ذيلي دفعه (2) جي شق (d) ۾، لفظن "ڊائريڪٽر آف فشريز" لاءِ لفظ "ڊسٽرڪٽ ڪائونسل" متبادل ٿيندا.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.

پاڪستان آرڊيننس XXX جي دفعه 4 جي تبديلي

Substitution of Section 4 of West Pakistan Ordinance XXX of 1961

1961 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XXX جي دفعه 26 جي ترميم

Amendment of Section 26 of West Pakistan Ordinance XXX of 1961